NAFEES AHMAD SHAIKH
Editor "Mehran"
Sindhi Adabi Board, Jamshoro

# PUBLISHERS' PREFACE

Distance that separates one country from another, one religion from another, and man from man is now diminishing itself every day by the rapid advances made in the field of science and technology. Distance can further be diminished through the exchange of art and literature of one country with that of another because in synthesis and fusion each is enriched and each acquires a new freshness and comprehensiveness. The concept of Art as it was born and brought up in our country is not Art for Art's sake, but Art for addressing the humanity—a means of bringing union among men, joining them together in the same feeling the artist has felt. Identical are the aims and objects of our Organization: to promote international understanding and good-will and to bring about nearness of man to man through art and literature. Our organization accordingly feels honoured in introducing Madame Irmgard Lupke, poetess, art-critic and a versatile writer of West Germany to our countrymen. Hereinafter we are giving Sindhi version of her 9 popular love-songs which will show us how near is the German concept of Love to that of ours.

The digit 9 of her songs is symbolic. Whatever number you may multiply by the digit 9, the digits in the multiple when added together will always be found to be 9. It is only multiplication and addition that can bring about unity of man and not the subtraction and division.

Our choice in selecting her to be the first in the series, is not without any meaning. Sindhi language and the Sindhi-speaking people all over the world



www.sindhsalamat.com

can not forget the selfless service rendered to the Sindhi language by the German scholarship and industry. At the time of British conquest in 1843 we had no fixed script of our language, no grammar nor dictionary thereof. In devising the modern script of the Sindhi language, in preparing Sindhi grammar and in compiling a Sindhi dictionary Dr Ernest Trumpp, a German missionary took a leading and pioneering part. Above all, it was due to his indefatigable efforts that the poetry of our national and classic poet Shah Abdul Latif was brought into print for the first time in a Leipzig Press of Germany.

The work of promoting international understanding and good-will should not be the exclusive concern of our Ministries of Foreign Affairs, Information or Education; it should also be the personal concern of every individual writer and thinker of our country, for it is the writers and thinkers who educate and mould the thinking of the masses, lead and prepare them for the coming events. Our Sindhi, Urdu, Punjabi, Pushtu, Bengali Academies and Writers' Guilds can do a lot of service to the cause.

The 9 love-songs were first rendered into Sindhi by our author and Hon. Organizer Mr. Tirithdas Hotchand. They have again been poeticized and put into Sindhi music by the Sindhi poet Shamsher-ul-Hyderi. We are greatly thankful to him.

Hirabad, Bhurgri Road,
Hyderabad, West Pakistan.
July 8, 1965

Mrs. Ruki S. Shahani
For Pardeep Publications



www.sindhsalamat.com

## SOMETHING ABOUT THE POETESS

Madame Irmgard Lupke-Grieff,—poetess, novelist, short-story writer, art critic, satirist, essayist, Radio-artiste of modern West Germany,—was born on 29-7-1920 in Varel (Oldenburg) West Germany, where she today lives with her illustrious husband, poet Gerd Lupke. She writes in two languages: High-German and Nether-German. Her lyric verses and short stories have appeared in several literary journals and anthologies of Germany which have secured for her an entrance in the pages of MUSENALMANACH (Marburg) and LITERATUR-KURSCHNER and other German-authors-lists. In 1959 there appeared her first novel MAN WITH PAST which was soon followed by her another CONSCIENCE NOT WANTED. Many of her German lyrics have been translated into English by her husband. Some of her lyrics attracted the musical genius of the well known composer Georg Sudholz of Wilhelmshaven who put them in music and they are being sung in several concerts by several ensembles in Germany.

Besides being a mistress of her house as her first name Irmgard means in the German language, she writes ceaselessly and travels tirelessly. Many of her works are finished in manuscripts and are awaiting their turn to be published. Both she and her husband love and admire Sindhi poetry and Sindhi poets. Of late she is assisting her husband, our collaborator, in introducing Shah Abdul Latif, Sachal Sarmast and other renowned poets of Sind to the German people—two of the modern Sindhi poets being Jhamandas Bhatia and Sheikh Ayaz. The German version of the STORY OF LOVE of Sachal Sarmast is on its way to see the light of the day.

---

Printed at the Capital Press, Malvani Building, Fort Area. Hyderabad. Phone No: 3111.



NAFEES AHMAD SHAIKH
Editor "Mehran"
Sindhi Adabi Board, Jamshoro
www.sindhsalamat.com

مئڊم ارمگارڊ ليوپڪي-گريف

جا

جرمني ٻوليءَ ۾ ٻوليل

# پيار جا ۹ گيت

سنڌيءَ ۾ آڻيندڙ : **تيرٿداس هوتچند**

ڪوتا ۽ راڳ ۾ آڻيندڙ: **شمشير الحيدري**

” گيت آهن پستل جي گهنگهرن سمان،
ڪئين هزارين سال اڳ، ٻلتيا ويا:
هر سمي، هر ملڪ ۾ جاري رهيا،
ڪونجندا، نچندا سياڻي ٻي پيا. “

— گرڊ ليوپڪي

## پرديپ پبليڪيشنس

هيرآباد - حيدرآباد

قيمت ... پيار

www.sindhsalamat.com

ڪندڙ ادارا به اهڙي ئي قسم جي ڪا قوي ڪوشش هن ڏس ۾ ڪندا ۽ هن قسم جي خالص ثقافتي ڏي وٺ کي زور وٺائيندا.

مئڊم ارمگارڊ ليوپڪي-گريف، جنهن جا هي ۹ گيت سنڌي نظم ۾ پلٽايل آهن، سا جرمني ٻوليءَ جي مشهور شاعر ۽ اديب عورت آهي. پاڻ هڪ ئي وقت تي ناول نويس، افسانه نويس، مضمون نگار، مزاح نگار، نقاد ۽ ريڊيو آرٽسٽ آهي، ۽ سنڌي گيت موسيقيءَ جي محفلن ۾ اڪثر ڳايا ويندا آهن. هوءَ ۲۹-جولاءِ ۱۹۲۰ع تي، اولهه جرمنيءَ جي وئربيل شهر ۾ ڄائي، ۽ هينئر اتي ئي پنهنجي مڙس، پروفيسر ڊاڪٽر گرڊ ليوپڪي سان گڏ رهي ٿي، جو خود به جرمني ٻوليءَ جو هڪ وڏو شاعر آهي. ٻنهي کي سنڌي شاعريءَ سان گهڻو چاهه ۽ انس آهي. ڊاڪٽر گرڊ هن وقت شاهه لطيف، سچل سرمست، ۽ ڪن جديد شاعرن — جهڙوڪ شيخ اياز ۽ ڪاڪا جهامنداس ڀاٽيا — جي شاعريءَ کي جرمنيءَ ۾ متعارف ڪرائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ مئڊم ارمگارڊ پڻ کيس هٿ وٺائي رهي آهي. سچل سائينءَ جو "عشق نامو" هو ترت ئي جرمني ٻوليءَ ۾ ڇپائي پڌرو ڪري رهيا آهن. سنڌي زبان سان سندن انهيءَ قرب ۽ خلوص لاءِ اسان کي بيحد عزت ۽ عقيدت آهي، ۽ دعاگو آهيون ته رب پاڪ هن پياري جوڙي کي سدا سکيو ۽ سلامت رکي! سنڌيءَ جي سمورن اديبن ۽ شاعرن طرفان، "پرديپ پبليڪيشنس" جي هيءَ نمائي پيشڪش به سندن پيار جي مڃتا جو هڪڙو عملي اظهار آهي،



www.sindhsalamat.com

جيڪا خود مئڊم ارمگارڊ جي سالگرهه جي موقعي تي پيش ڪئي پيئي وڃي.

ترتيب ۾، پهرين گيت يا نظم جي هيئت وارا ٻه ڪلام، تنهن کان پوءِ آزاد نظم جي صنف ۾ آندل پنج ڪلام، ۽ آخر ۾ سنڌي ۾ ڳايل ڪافين جي ٻن مقبول ڌنن تي ٻيهاريل ٻه ڪلام، شامل آهن.

آءٌ دادا ٽيرٿداس جو ازحد ٿورائتو آهيان، جنهن جي همٿان، ۽ جنهن جي آڇ ۽ نيڪ رهنمائي سان، مون کي هن خدمت جي سعادت نصيب ٿي. آءٌ دادي ليلاوتي هرچنداڻيءَ جو به گهڻو ٿورائتو آهيان، جنهن ڌنن جي ترتيب لاءِ مدد ڪئي، ۽ پڻ پنهنجي آواز ۾ انهن کي ڳائي، رڪارڊ ڪرايو.

شال هيءَ پيار جي سوکڙي پنهنجو مقصد پورو ڪري!

حيدرآباد سنڌ

٨-٧-١٩٦٥ع. —شمشير الحيدري.



NAFEES AHMAD SHAIKH
Editor "Mehran"
Sindhi Adabi Board, Jamshoro
www.sindhsalamat.com

# اوسيئڙو

ڏينهن وجي ٿو لڙندو، هاڻي رات وجي ٿي پوندي؛
تنهنجا خطڙا ڪنهنپر ڪوري ڪاغذ ڪان وڌ ناهن:
ليڪن تنهنجيون اکڙيون، تنهنجيون ٻانهون، تنهنجا چپڙا،
رات انڌيريءَ ۾ ڀي منهنجي اڳيان ظاهر آهن.

خاموشيءَ مان هوريان اڀري ڪائي گونج،
ڪتان الائي تنهنجا مٺڙا ٻول ڪنن تي آيا:
تنهنجن نيڻن مرڪيو، آئي هير ڪٺي پيغام،
تنهنجي سڪ جا ٿڌڙا ٿڌڙا ساهه چپن تي آيا.

مينهن وسي، طوفان ٿري پل درين تي ٺڪ ٺڪ،
تنهنجيءَ صورت اڳيان نئڙي ويني ڪريان سلام:
صبح سويري آخر جڏهين مون سان گڏ تون هوندين،
تڏهين منهنجي جيءَ کي ملندو الفت جو انعام!



www.sindhsalamat.com

# جاڳندي جو سپنو

سانجهي آئي، اوندهه ڇانئي، خاموشي لهرائي،
ليڪن منهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ ڏاڍو شور مچائي:
ايڏو دور گذاري، منهنجا ساجن، منهنجا سپرين،
مون وانگي ڇا تو ٻي ڪڏهين چين نه پاتو آهي؟

ڪڙڪيءَ جي شيشن مان ويٺي تو لئه تازا تڪيان،
ساعت پنيان ساعت گذري، مڪڙي جئن مرجهائي:
روز ازل کان جيڪو پنهنجي پيار منجهاران اسريو،
درد ڀريو سو سندر سپنو منهنجي دل بهلائي.

ڌنڌلي ڌنڌلي تنهنجي صورت سامهون اڀري آئي،
ڪوهيڙي جيان دور، الا، پر ڪيڏي هئي قريب:
سڪ مان هٿ وڌايم، ٿي ويو تنهنجو روپ الوپ،
جڻ مون توکي ڪونه ڏٺو هو ڪڏهين — هاءِ نصيب!



www.sindhsalamat.com

# صدين پٺيان صديون گذرن

هيءَ ڌرتي ۽ هي آڪاش،
۽ هي ماڻهو...
ڪٿڙي ڪٿڙي راحت ساريءَ دنيا کي سرڪائي،
ڪٿڙو ڪٿڙو رنج سڄيءَ دنيا جو جيءُ جلائي:
رنج ۽ راحت جي گهيري ۾،
ٻينا آهيون،
ٻاڻ سموراڻي انسان.

فرضن جي ڪثرت جو بوجهه،
محنت جي ڪثرت جو بار—
ڪوئي ڪيئن نباهي آخر،
ڪير ڪري شڪوو هر بار؟
ليڪن ڪن جي پيارن هٿڙن ڏنو سهارو،
ڪن جي سهڻين اکڙين بخشيو دل کي پيار،
جن سان جڳ جو جاري آهي سڀ وهنوار.

صدين پٺيان صديون گذرن -
وري وري دنيا ۾ گهارڻ،
وري نهارڻ،
وري محبت ماڻڻ!



www.sindhsalamat.com

# عقل ۽ پيار

ڪو سمجھائي—
هن ذرتيءَ تي،
پنهنجي ٿوريءَ هستيءَ اندر،
عقل ڪي ڪهڙي هستي آهي؟
عقل ڪي ڪهڙي معنيٰ آهي؟

حيرت جهڙيون، اچرج جهڙيون،
اهڙيون ڪيئي ڳالهيون،
جن ڪي عقل نہ سمجهي سگهيو،
تن کان تنهنجي منهنججي هستيءَ ورتيون ڪيئي خوشيون،
تن کان تنهنجي منهنجي هستيءَ ڪيئي خدشا پاتا،
تن کان تنهنجي منهنجي هستيءَ سمجهيا ڪيئي راز:
هائو، محبت آهي سڀ کان حيرت جهڙي ڳالهہ—
جنهن جي اول،
جنهن جي آخر،
آهہ خدا جي ل!



www.sindhsalamat.com

# هرڪو ماڻهو

جڏهين ساري دنيا پاڇولن ۾ پاڻ لڪائي ٿي،
جڏهين پنهنجا جسم ۽ پنهنجا هردا پيار پڪارن ٿا،
تڏهين تو سان، مون سان،
پيدائش جي مطلق شڪتي
پنهنجو پاڻ پسائي ٿي:
ڪهڙو حيرتناڪ ڀلا ڪو سپنو هوندو،
جهڙي آهي هيءَ حقيقت؟

هرڪو ماڻهو پيار جون ڳنڍيون، قابو پڪڙي،
قابو پڪڙي،
پنهنجو جلندڙ تپندڙ شعلن وارو ڪڙتو—
جيون جي سرديءَ کي روڪڻ خاطر!



NAFEES AHMAD SHAIKH
Editor "Mehran"
Sindhi Adabi Board. Jamshoro
www.sindhsalamat.com

# پيار ڀريون آهيان

جيڪي ماڻهو پيار-سنواريا،
ڏک سک جي سرحد کان اڳتي گذري ويا،
جنت جهڙيءَ راحت نائن،
دوزخ جهڙيءَ پيڙا تائين،
هستيءَ کي محسوس ڪري ويا،
تن کي هاڻي مان سمجهان ٿي:
سک جي راحت،
ڏک جي پيڙا،
مان پي ويٺي پوڳيان—
مان پي جن سان پيار ڪريان ٿي،
مان پي ڪنهن جي پياري آهيان!

پيار جي ريت نياري آهي،
پيار عجب بلهاري آهي،
جنهن جي اڳيان ڪوئي ڏونگر، ڪوئي دريا جاري ناهي،
جنهن جي اڳيان دوريءَ جي، ڪا دلدل جي مجبوري ناهي:
منهنجي من ۾ پيار سمايو،
هڪڙو ئي ويچار سمايو:
هاڻي مان ڪا نئين نياري هستي آهيان،
پنهنجي هستي پاڻ وڃائي ويٺي آهيان!



www.sindhsalamat.com

منزل جي پرپيچ سفر ۾،
ورهين تائين ڀٽڪي ڀٽڪي،
گمراهيءَ جي واٽن اندر ٽڪجي ٽڪجي،
ڪنهن نه پرايم،
ناحق پنهنجي جان گنوايم:
آخر پيار پڪاريو آهي،
سرهائيءَ جو، ٻلهاريءَ جو، نئون نياپو آيو آهي...
منهنجي منزل ڪهڙي آهي؟
منهنجو مقدر ڪهڙو آهي؟
—خودئي پيار پيو سمجهائي،
روشن راهه ٻتائي!

## آس

وقت جي رفتار ڪيڏي سست آهي—
هر گهڙي، هڪڙي جي پويان،
بيخبر گذريو وڃي!
مان محبت جي وڏيءَ دنيا اندر،
هر گهڙيءَ ويٺي ڪريان هيءَ التجا:
اي اسان جي زندگيءَ کان باخبر، پروردگار!
تون سلامت رک اسان جي پيار جون خوشيون سدا!

رات جي خاموشين، تنهائين جي هنج ۾،
تون سدا آهين قريب،



www.sindhsalamat.com

مان سدائين ٿي لهان تهنجا ٺـي خواب،
۽ ڪريان ٿي آرزو،
شال منهنجي زندگي
ٿئي سجائي ۽ سڦل!

جنهن گهڙيءَ منهنجا امنگ،
ڪلپنا جا پر لڳائي،
منهنجي دل کي ٿا ڪٽي تو ڏي اڏامن،
تنهن گهڙيءَ،
مان اڪيون چپ چاپ پوري ٿي چڏيان —
۽ اچي تو روح کي
پنهنجي راحت جو يقين..
بس اهائي جاڻ سيني ۾ سمائي،
ساهه سان سانڍي رکان ٿي:
ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن مون سان گڏ هوندين مدام!



www.sindhsalamat.com

# آڪير

[طرز: لاڻ تنهنجي لاڳا لڳي آهيان....]

لڳي آهي تار تن من ۾!
تن من ۾، الا تن من ۾،
لڳي آهي تار تن من ۾!

١- آءٌ اڪيلي نــار نماڻي،
هاءِ حياتي سورن هاڻي،
چين ڳوليان ٿي ڪک پن ۾....

٢- راتيون خوف خيالن واريون،
منهنجا سپنا، خوشيون ساريون،
دور ڏسان ٿي الجهن ۾....

٣- پيار ڏکن جا ڏونــگر ڏاري،
دردوندن جون دلڙيون ٺاري،
آس جڳائي تن من ۾....

٤- پيار اسان کي هي سمجهايو،
ڪوئي جڳت ۾ ناهي پرايو،
جهاتي وجهي ڏس درپن ۾....



www.sindhsalamat.com

NAFEES AHMAD SHAIKH
Editor "Mehran"
Sindhi Adabi Board, Jamshoro.

# پيار ڪريان ٿي

[طرز: دل ۾ دلبر، تنهنجي خاطر....]

پيار ڪريان ٿي، پياري آهيان، پيار جي بات ٻڌايان ٿي.
ساھ ۾ سڪ جو سوز سمائي، من جي موج ملهايان ٿي.

منهنجو هردو منهنجي هستي، پيار پرينءَ جي آهي بستي،
ثابت سمجهيم راز الستي — جيون جوت جڳايان ٿي:
پيار ڪريان ٿي، پياري آهيان....

سڪ اندر ۾ سس پس لائي، راتو ڏينهان هي سمجهائي،
پيار جو ڪوئي ثاني ناهي — پاڻ کي پاڻ وڻايان ٿي:
پيار ڪريان ٿي، پياري آهيان...

سونهن نزاڪت سرت سچائي، پريم اکر ۾ آهي سمائي،
هيءُ جسو جند جان فدائي — نوبت نينهن وڄايان ٿي:
پيار ڪريان ٿي، پياري آهيان...

لونءَ لونءَ ڳائي سڪ جو سرگم، انت خوشيءَ جو ڪينڪي پاتم،
جهومي ڳائي سارو عالم — گيت خوشيءَ جا ڳايان ٿي:
پيار ڪريان ٿي، پياري آهيان...

پيار ئي منهنجي منزل آهي، پيار بنا ٻي قسمت ڇا هي،
پيار بنائي، پيار ئي ڍاهي — پيار جي ڌوم مچايان ٿي:
پيار ڪريان ٿي، پياري آهيان....



www.sindhsalamat.com